ماهوار

# تحريڪ

حيدرآباد سنڌ

هي جي آيا هيڙ،

سي مون اڳ نہ ڏٺا ڪڏهن.

سمبر 1973



Gul Hayat Institute

ماهوار

# تحريڪ

سال : ٻهريون
نمبر : ٻيو

ايڊيٽر
قاسم ٻٽر سنڌي

سيپٽمبر ١٩٧٣

قيمت هڪ رپيو

خط وڪتابت لاءِ لکو:
٨٠- بي لطيف آباد ٨
حيدرآباد.

| | ليک | صفحو |
|---|---|---|
| لطيف جي شاعريءَ جو انقلابي ڪردار | رسول بخش پليجو | ٩ |
| جيئڻ واڌيو (سنڌ جي تاريخ جو هڪڙو ورق) | رسول بخش پليجو | ١٥ |
| قيديءَ جو خط | الهم بچايو مرڊاس | ٢٦ |
| بصران پڇي ويٺي ! | سيد اڪبر | ٣٠ |
| اسين خاموش آهيون (عظيم شاعري) | ارنيسٽ جونس | ٣٣ |
| هون پنهنجو وير ورائي ورتو! | ساز ملاڪانياري | ٣٥ |

ان ڪانسواءِ پڙهندڙن جا خط، تنقيد ۽ رايا...

هي رسالو سيد عالم شاهه، سهٽي پرنٽرس، الهندي ڪچي، حيدرآباد مان ڇپرائي ٨٠- بي لطيف آباد ٨ حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

Gul Hayat Institute

VOL: 1 Monthly TAHREEK Sindhi Hyderabad
NO : 2

بهاري

سنڌ

تي

مڙهجي

ويا

Gul Hayat Institute